# Bhadshai Akhaniyun I

# بادشاهي آکاڻيون 1

Contact: info@sindhisangat.com

Printed and Published by Mellaram Mangatram at the
Sunder Printing Press, Teckchand Udhaudas Road,
Garrikhatta, Karachi.

# فهرست


| | صفحه |
|---|---|
| آکاڻي | |
| ١. شاهي حڪيم | ١ |
| ٢. ٽوڪريءَ ۾ ٻاڻي | ٧ |
| ٣. لڪل خزانو | ١٠ |
| ٤. ڌڻيءَ جي بندگي | ١٥ |
| ٥. اصلي شرافت | ١٨ |
| ٦. قسمت جو کيل | ٢٣ |


Printed and Published by Mellaram Mangatram at the Sunder Printing Press, Teckchand Udhaudas Road, Garrikhatta, Karachi.

## ١. شاهي حڪيم

يونان ۾ هڪ بادشاه هوندو هو، جو حڪيمن ۽ عقلمند آدمين جو ڏاڍو قدر ڪندو هو. هن ساري ملڪ مان چونڊي هڪ حڪيم مقرر ڪيو ۽ کيس حڪم ڏنو ته اهڙو ڪتاب لکي تيار ڪر جنهن ۾ سٺي صحت جي اصولن ۽ بيمارين کان ڇٽڻ جا علاج هجن.

حڪيم بادشاه جي حڪم موجب هڪ نهايت عمدو ڪتاب لکي تيار ڪيو. بادشاه کي نهايت پسند پيو ۽ اُن حڪيم کي هڪ لک روپيه انعام ڏنائين.

ٿورن ڏينهن کانپوءِ حڪيم مري ويو ته سندس جاءِ تي هن جو پٽ شاهي حڪيم مقرر ٿيو. هن به پنهنجي حڪمت ۽ خدمت سان بادشاه کي ڏاڍو خوش ڪيو. ان ڪري هو پنهنجي حياتي آرام سان گذاريندو هو.

هڪ ڏينهن بادشاه اُهو ڪتاب پڙهي رهيو هو تہ هڪ هنڌ لکيل هو تہ جيڪڏهن ڪو شخص ٻہ پاڻ ۾ هڪ پاءُ ڏهي کائيندو تہ ٻن ڪلاڪن اندر سخت بيمار ٿي پوندو.

بادشاه اهو پڙهي تمام حيران ٿيو ۽ سوچڻ لڳو تہ عجيب بي عقل حڪيم هو، جنهن ههڙي واهيات ڳالهہ ڪتاب ۾ لکي آهي. ڀلا پاڻ ۾ ڏهي ۾ ڪهڙو نقصان آهي، جو ٻن ڪلاڪن اندر سخت بيماري اچي وٺندي.

ايتري ۾ حڪيم جو پٽ اچي حاضر ٿيو. بادشاه کيس چيو "حڪيم صاحب، توهانجي پيءُ هيءَ عجيب ڳالهہ ڪتاب ۾ لکي آهي تہ ڏهي ۽ پاڻ کائڻ سان آدمي سخت بيمار ٿي پوندو. مون کي اُن تي اعتبار نہ ٿو اچي. حڪيم جواب ڏنو "بادشاه سلامت، منهنجو پيءُ دنيا ۾ مشهور حڪيم هو، هن جي لکيل ڪابہ ڳالهہ غلط ٿي نٿي سگهي. جيڪي هن لکيو آهي سو برابر آهي.

اهو ٻڌي بادشاه چيو تہ رستي تان ڪنهن مزور کي سڏي وٺ تہ هن ڳالهہ جي آزمائش ورتي وڃي.

حڪيم هڪ مزور کي گهرايو ۽ ڪيس پنهنجي پاڻ ڏهي ڪارائي سمهاري ڇڏيو. صبح ٿيو ته مزور بدستور چاڪ چڱو ڀلو اُٿيو. اهو ڏسي حڪيم حيران ٿي ويو. بادشاه چيو "ڏٺيء؟ مون سچ ٿي چيو ته هيء ڳالهه واهيات آهي. حڪيم عرض ڪيو "حضور ٿن مهنن جي مهلت ڏيڻ فرمايو ۽ هن مزور کي مون وٽ رهايو وڃي، ان ڪانپوء مان هن ڳالهه جو جواب ڏيندس.

بادشاه اجازت ڏنس. هاڻ حڪيم اُن مزور کي عمدا عمدا بادشاهي کانا کارائڻ شروع ڪيا. ريشمي ۽ نفيس ڪپڙا پهرڻ لاء ڏنا ۽ سمهڻ لاء بخمل جو نرم بسترو بڻائي ڏنو. ڏهاڙي اُهو مزور مزي ۾ گذاريندو هو، نه پورهيو ڪندو هو، نه ڪٿيء ٻاهر نڪرندو هو. جيڪي گهرندو هو سو يڪدم بنا تڪليف ملندو هوس.

ان ريت جڏهن ٽي مهنا گذري ويا ته هڪ ڏينهن حڪيم خيال ڪيو ته هن مزور جو مزاج جاچڻ کپي. هو باغ ۾ گهمڻ گهتڻ ويو ته پر پٺ حڪيم ڪاغذ جا ٻه گول چڪرا ڪاٽي سندس نرم بستري تي رکي، مٿان ريشمي چادر وڇائي

چڙي. جڏهن هو آيو، تڏهن ڪانو ڪائي بستري تي اچا ليٽيو مس تہ بيقرار ٿي اُٿيو. وري ليٽي پيو. پرپوري بہ گهٻراٽجي اُٿيو ۽ چيائين تہ اڄ پلنگ تي ڪجهہ لڳي ٿو. سبب ڪهڙو؟ حڪيم سمجهيو تہ هاڻ سندس طبيعت نهايت نازڪ ٿي پيئي آهي. پوءِ جو مزور نٿهڻ اُس ۾ ۽ سخت ولهہ ۾ پيو محنت ڪندو هو ۽ ڌرتيءَ تي ليٽي خوب مزي جي ننڊ ڪندو هو، تنهن کي اڄ ڪاغذ جا ٻہ ٽڪرا، سي بہ ريشمي چادر جي هيٺان لڳن ٿا! اهو ويچار ڪري جواب ڏنائين تہ آهي تہ ڪجهہ ڪين تنهن هوندي بہ وري بسترو ٿاهي ڏنائينس ۽ اُهي ڪاغذ جا ٽڪرا ڪڍي ڇڏيائين. تڏهن مزور کي ننڊ ڪٽي ويئي.

ٻئي ڏينهن اُن مزور کي بادشاہ وٽ حاضر ڪيو ويو ۽ حڪيم ادب سان عرض ڪيو تہ "بادشاہ سلامت، هاڻ وري آزمائش ڪئي وڃي. بادشاہ قبول ڪيو. رات جو مزور کي محل ۾ گهرائي پاڻ ۽ ڏهي ڪاڻ لاءِ ڏنا ويا تہ پهريائين تہ مزور منهن ڇٻو ڪيو، هٻڪيو هٽڪيو، انڪار ڪيو. پوءِ جنهن تي مهنا بادشاهي کانا کاڌا، تنهن

کي پاڻ ۽ ڏهي ڪتاب ڏنا وٺن. پر شاهي حڪم لاچار ڪائي ڀي سمهيو. صبح جو ڏسن ته مزور اُٿڻ جهڙو به نه آهي. سخت بيمار ٿي پيو آهي.

بادشاه تعجب ۾ پئجي ويو. حڪيم کي گهرائي چيائين ته ٿي مهنا اڳه اهي ساڳيون شيون کائي ويو ته ڪجهه ڪين ٿيس، هاڻ انهن ساڳين شين کائڻ سان بيمار ٿي پيو. سبب ڪهڙو؟

حڪيم جواب ڏنو. حضور! منهنجي پيءُ اهو ڪتاب بادشاهن جي تندرستيءَ لئي لکيو هو، ۽ ان ۾ سڀ ڳالهيون بادشاهن جي طبيعت موافق لکيل آهن. مون گذريل ٽي مهنا ان مزور کي خوب آرام ۽ عيش ۾ رهايو ۽ سندس طبيعت بادشاهن جهڙي نازڪ ڪري ڇڏيم. ان ڪري هنن شين جو اثر مٿس اهڙو ٿيو جو هو بيمار ٿي پيو. حقيقت اها آهي ته شين جو فائدو نقصان طبيعت موافق پوي ٿو ۽ عيش عشرت بدن کي اهڙو نازڪ ڪري ٿي ڇڏي جو ٿوري ئي گهٽ وڌائي بيمار ڪيو ڇڏي. ڪڙمي ۽ مزور آدمي محنت سبب وڌيڪ مضبوط ٿين ٿا، تنهنڪري

جيڪي کائين، سو هضم ٿيو وڃي. پر انهن جي بيماريءَ جا سبب ٻيا آهن مثلاً گهٽ سمهڻ، گهٽ پاڇيون، صحت جي قانون مان ناواقفي ۽ ٻيا.

اهو جواب ٻڌي بادشاهه نهايت خوش ٿيو ۽ حڪيم کي وڏو انعام ڏنائين.

## ٢. ٺوڪريءَ ۾ پاڻي

هڪ ڀيري جي ڳالهه آهي ته ڪنهن بادشاهه کي ايماندار وزير جي گهرج هئي. هن ڪجهه ماڻهن مان ٻه قابل ماڻهو چونڊيا، ۽ سندن ايمانداريءَ جي آزمائش وٺڻ چاهي. بادشاهه ٻنهي کي حڪم ڏنو ته سڀاڻي صبح کان شام تائين ڦلاڻي کوهه تان پاڻيءَ جا ڏول ڀري حوض ۾ رکيل ٻن ٺوڪرين ۾ وجهندا رهو. مان شام جو اچي اوهانجو ڪم ڏسندس.

بادشاهه کين حڪم ڏيئي روانو ٿيو. ڪم شروع ڪيائون ته منجهائن هڪ، ٻئي کي چيو ته، بادشاهه کهڙو نه واهيات ڪم ڏسيو آهي. هن مان ڇا هٿ ڇا حاصل. اسين جڏهن ٺوڪريءَ ۾ پاڻي ٿا وجهون، تڏهن يڪدم سمورو وهيو وڃي. ٿنهن کان سواءِ بادشاهه کي خبر ڪيئن پوندي

ته اسان ڪيترا ڏول پاڻيءَ جا وڌا. ان ڪري مان نه وڃان ٿو. شام جو وري ايندس.

ٻئي ڄڻس ته اسانجو فرض آهي ته ڪرڻ جيڪو اسانجي مالڪ چيو آهي. ڪم سچايو آهي يا اجايو، سو هو ڄاڻي. تنهنڪري نوڪي وڃڻو هجي نه پل وچ، باقي مان سونپيل ڪم ڪندو رهندس.

شام ٿي ته بادشاهه جي اچڻ کان ٿورو اڳ گوسڙو وري اچي ڪم تي بيٺو. بادشاهه ٻنهي کي ڪم ۾ مشغول ڏٺو، مگر جيڪو ڪوڙو هو، سو بيهي ٻاڙون هڻڻ لڳو ته مون سچو ڏينهن ڪم ڪيو آهي، ڪم ڪري ٽڪجي پيو آهيان؛ مگر ٻيو جيڪو ايماندار هو، سو پنهنجي ڪم کي لڳا تار لڳو رهيو. بادشاهه ڦري پنهنجي باغيچي ۾ ويو، جتي هن سهي ڪيو ته ٻنهي ڪيءَ فقط چار پنج ڏول پاڻيءَ جا وڌا هئا، باقي ٻئي سو برابر سچو ڏينهن ڪم ڪيو هو. بادشاهه چيا

ڪيو هو، جو ڊارڊار ناليون ٺهرائي ڇڏيون هئائين، جنهن مان وڏيل پاڻي باغ جي جدا جدا ڀارن ۾ ٿي پيو. ان ريت پرکي ورتائين ته ايماندار ڪير آهي ۽ ڪوڙو ٻڌاڪي ڪير.

بادشاهه پوءِ ايماندار آدميءَ کي پنهنجو وزير مقرر ڪيو، نه رڳو ايترو پر اُهو سڄو باغ به کيس انعام ڏنائين، جاڪاڻ ته اُن باغ ۾ هن پنهنجي سچائيءَ جي ساک ڏني هئي.

## ٣. لڪل خزانو

آڳاٽي زماني جي ڳالهه آهي. ايران ۾ شاهه عباس حڪومت ڪندو هو. کيس سير شڪار جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هڪ ڏينهن هو پنهنجي اميرن وزيرن سان شڪار ڪيڏي رهيو هو ته اچانڪ سندس نظر هڪ هرڻ تي پيئي. هن جي پنيان گهوڙو ڊوڙايائين، ايتري قدر جو هو پنهن جي اميرن وزيرن ساٿين کان الڳ ٿي ويو، جهنگل ۾ نهايت پري هليو ويو. هرڻ ته وڻن جي اوٽ ۾ گوهيون ڏيئي ڪٿي وڃي لڪو. بادشاهه منجهي بيهي رهيو. سوچڻ لڳو ته ڇا ڪريان. اڳتي وڃان يا پٺتي هٽان ته ايتري ۾ هڪ طرف کان بانسريءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. بانسريءَ جو آلاپ ٻڌي بادشاهه گهوڙي جي واڳ اُن طرف موڙي. اڳيرو وڌي ڏٺائين ته ٿوري مفاصلي تي وڻن جي هڪ جهڳٽي هيٺان هڪ

ٻڪرار ڇوڪرو مؤج سان ويٺو بانسري وڄائي.
بادشاه سڌو ان ٻڪرار وٽ پهتو ۽ اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ڇوڪرو هر ڳالهه جو جواب عقل ۽ ڪڙائيءَ سان ڏيندو رهيو. ان ڪري بادشاه مٿس ڏاڍو راضي ٿيو.

ايتري ۾ بادشاه جا نوڪر چاڪر به اچي اُلي نڪتا. جڏهن ٻڪرار ڇوڪري کي معلوم ٿيو ته جنهن آدميءَ سان مان ڳالهيون ڪري رهيو آهيان سو خود بادشاه آهي، تڏهن هو البت ڊنو ۽ خيال ڪرڻ لڳو ته ڪا بي ادبيءَ جي ڳالهه ته زبان مان ڪين نڪري ويئي.

بادشاه ڇوڪري جي منهن مان سهي ڪري ورتو ته سندس دل ۾ گهبراهٽ پيدا ٿي آهي، ان ڪري کيس پيار ڪري آٿت ڏنائين.

بادشاه ان ٻڪرار کي پاڻ سان گڏ تخت گاه ڏانهن وٺي آيو ۽ سندس پڙهڻ لکڻ لاءِ لائق اُستاد رکيائين. سڀ امير وزير ۽ خود بادشاه ان ٻڪرار جي علم ۽ عقل تي گد گد ٿيندا هئا. ان ڇوڪري جو نالو عالم رکيو ويو. جڏهن پڙهي قابل ٿيو، تڏهن بادشاه کيس پنهنجي محل جو

ناظر بڻايو. عالم بالڪل ايماندار هو، اُن ڪري بادشاه کيس گهڻو گهرندو هو ۽ مٿس هميشه مهرباني ڪندو رهندو هو، ايتري قدر جو هن ٻه ڀيرا کيس ٻيءَ بادشاهت ۾ ايلچي ڪري موڪليو.

هڪ ٻڪرار لاءِ ايتري عنايت ڏسي ۽ کيس ايڏو وڏو عهديدار ڏسي اميروزير عالم جا دشمن ٿي پيا. هو هميشه ان تاڙ ۾ رهندا هئا ته موقعو ملي ته بادشاه کي عالم جي برخلاف ڀڙڪايون. اُنهن بادشاه جا ڪن ڀرڻ شروع ڪيا، پر بادشاه کي عالم جي سچائيءَ لاءِ پورو ڀروسو هو، ان ڪري سندن ڳالهه ڪين لڳو.

ڪجهه عرصي بعد شاهه عباس مري ويو. سندس تخت تي هن جو نوجوان پٽ شاه صفي ويٺو. نئون بادشاه عالم جي گڻن کان واقف ڪين هو، ان ڪري عالم جي دشمنن کي موقعو ملي ويو.

هڪ ڏينهن اُنهن بادشاه کي دانهن ڏني ته عالم وڏيون وڏيون عمارتون ۽ محل بڻايا آهن. جنهن آدميءَ جي آمدني ٿوري هجي، سو ايڏيون عمارتون ڪٿان ٿو ٺهرائي. بادشاه اڳ به اهڙيون شڪايتون ٻڌيون هيون، ان

ڪري هن عالم کي حڪم ڏنو ته ٻن هفتن اندر سڄو حساب ڪتاب پيش ڪج. عالم عرض ڪيو ته ٻن هفتن جي مهلت جي گهرج ناهي. سڀاڻي ئي حساب ڪتاب ورتو وڃي. ٻئي ڏينهن بادشاه ساري محل جي سامان جي يادداشت ۽ خزانو گهرايو ته هڪ پائيءَ جي بي ايماني به ڪين نڪتي. پوءِ بادشاه سندس گهر ويو ۽ ڏٺائين ته هر هڪ ڪوٺڙيءَ ۾ سادو ۽ غريباڻو سامان پيو آهي. بادشاه کي اهو ڏسي اچرج لڳو.

جڏهن بادشاه راضي ٿي موٽڻ لڳو ته هڪ نوڪر جي نظر هڪ ڪوٺڙيءَ تي پيئي، جنهن جي دروازي تي ٣ مضبوط ڪلف لڳل هئا. نوڪر بادشاه کي عرض ڪيو "بنده پرور! خدا ڄاڻي ته هن ڪوٺڙيءَ ۾ ڇا آهي." بادشاه عالم کان پڇيو ته هن ڪوٺڙيءَ ۾ ڪهڙو خزانو آهي، جنهن جي ايتري حفاظت ٿو ڪرين؟


هن عرض ڪيو ته "جيئندا قبلا! جيڪي اوهان ڏٺو، سو حضور جو عطا ڪيل آهي. پر هن ڪوٺڙيءَ ۾ منهنجو پنهنجو مال آهي." بادشاه کي شڪ پيو. هن حڪم ڏنو ته ڪوٺي کوليو. جڏهن ٽيئي ڪلف لٿا، تڏهن بادشاه

ذنو ته ان ۾ هڪ ٻڪرار جي لٽ، ٿيلهي، پاڻيءَ جي ننڍي مشڪ، هڪ بانسري ۽ ٻڪرار جي ڪپڙن جو هڪ وڳو رکيو هو.

اهي شيون ڏسي بادشاه حيران ٿي پڇڻ لڳو ته انهن خسيس شين جي ايتري حفاظت ڇا لاءِ؟

عالم پنهنجي سچي ڪهاڻي ٻڌائي ته ڪئن اڳئين بادشاه جهنگ ۾ راضي ٿي، مون کي علم پڙهايو، نوڪري ڏني، عزت ۽ عهدو بخشيو. مگر ان هوندي به مون پنهنجو اصل ڪين وساريو. بادشاهن جي مهرباني لي کهڙو اعتبار. اُها سج جي ڇانءِ وانگر آهي. ڪڏهن اُپري، ڪڏهن لهي. ان ڪري ڪنهن به وقت قصور سان يا بنا قصور مون کي نوڪريءَ مان ڪڍيو وڃي ته مان وري ٻڪرار بڻجڻ لاءِ تيار آهيان. ان ڪري منهنجو اصلي قيمتي خزانو اهو آهي، جنهن کي مون ٽن ڪلفن اندر لڪائي رکيو آهي.

اهو جواب ٻڌي بادشاه گد گد ٿيو ۽ ساڙيل شرمسار ٿيا. ٻئي ڏينهن بادشاه، عالم کي دربار ۾ وڏو انعام ڏنو ۽ سندس عهدو پڻ وڌايو ۽ کيس اڳي کان وڌيڪ عزت ڏيڻ لڳو.



بادشاه ڪولي م... ڙي عالم کي چيو ته ... لٺ ٿيلهي بدسري ۽
مشڪ ... الہ ڪيون آهن عالم چيو ته بادشاه ... ي مهرباني جي ڪهڙو

## ٤. ڌڻيءَ جي بندگي

هڪڙو هوندو هو بادشاهه. وٽس هڪ سياڻو وزير هوندو هو، جنهن اوچتو نوڪري ڇڏي ڏني ۽ ڏينهن رات ڌڻيءَ جي عبادت ڪندو رهيو.

هڪ ڏينهن بادشاهه پنهنجي اميرن کان پڇيو ته اڄ ڪالهه اسانجي اڳوڻي وزير جو ڪهڙو حال آهي؟

اُنهن جواب ڏنو "بادشاهه سلامت! هو ته ڌڻيءَ جي بندگيءَ ۾ اهڙو مگن آهي، جو اسان سان ته ڪڏهن گڏجي به ڪونه."

اهو ٻڌي بادشاهه پاڻ وزير وٽ ويو ۽ پڇائينس ته توکي ڪهڙو رنج هو، جو تو اوچتو اسانجي نوڪري ڇڏي ڏني؟

وزير جواب - حضور! ان ۾ اوهانجو ڪو قصور ڪونهي. مون جو نوڪري ڇڏي ته اُن جا پنج سبب هئا.

ٻيو سبب هيءُ آهي تہ اوهين وينا رهندا هئا ۽ مان اوهان جي حضور ۾ بيٺو رهندو هوس. هاڻ مان اهڙي مالڪ جي خدمت ۾ آهيان، جنهن مون کي عبادت وقت بہ ويهڻ جي موڪل ڏيئي ڇڏي آهي.

ٽيون سبب هيءُ آهي تہ اوهين وينا کائيندا هئا ۽ مان بيٺو ڏسندو هوس. هاڻ مون کي اهڙو ڏاتار مليو آهي جو پاڻ ڪڏهن نہ کائي، مگر مون کي روزي ٿو رسائي.

چوٿون سبب هيءُ آهي تہ اوهين سمهندا هئا ۽ مان نگهباني ڪندو هوس. مگر خدا اصل ڪين سمهي، بلڪ جڏهن مان سمهان، تڏهن منهنجي نگهباني ڪري.

پنجون سبب هيءُ آهي تہ مان ٻڄندو هوس تہ اوهين مري ويندا تہ شايد مون کي اوهانجي دشمنن معرفت تڪليف سهڻي پوندي. مگر هاڻ مان اهڙي مالڪ جي نظرهيٺ آهيان، جو مرڻ وارو ناهي ۽ مون کي دشمن ڪڏهن بہ نقصان پهچائي ڪين سگهندا.

ڇهون سبب اهو آهي تہ مان هميشہ ان ڊپ ۾ رهندو هوس تہ جي ڪو قصور ڪري ويهان،

ته اوهين مون کي معاف ڪين ڪندا، مگر هاڻ جنهن جي پناهه هيٺ آهيان سو اهڙو رحيم آهي جو مان روز سؤ گناهه ڪريان ته به سڀ معاف ڪري ڇڏي، بشرطيڪ آءٌ دل سان انهن لاءِ معافي گهران.

بادشاه لاجواب ٿي خوش ٿي ويندو رهيو.



## ٥. اصلي شرافت (چڱائي)

ايران ۾ هڪ بادشاهه هوندو هو، نهايت نيڪ ۽ خوش مزاج. ان بادشاهه کي هڪڙو پٽ هو، جو نهايت ڇيڙاڪ، مغرور ۽ بدمزاج هوندو هو، اهڙو جو ڪنهن کي پاڻ جهڙو ڪين سمجهندو هو ۽ هر ڪنهن کي تڪار جي نظر سان ڏسندو هو ۽ برو سمجهندو هو. استاد ويچارا ٻچي کيس ڪجهه ڪين چوندا هئا ۽ بادشاهه جي ٻپ کان کيس سڌاري سنواري ڪين سگهيا.

ڏينهون ڏينهن شهزادي جون بريون عادتون زور وٺنديون ويون، ايتري قدر جو ويهن ورهين جو ٿيو، شادي ڪيائين ته به سڀاءُ ڪين ڦريس. هاڻ بادشاهه کي خيال ٿيو ته جي شهزادي جي طبيعت هاڻ نه ٿي ته وڏي هوندي پاڻ به دکي ٿيندو ۽ رعيت کي به آزاريندو.

بادشاهه ڪنهن موقع جي تاڙ ۾ رهيو. هڪ

ڏينهن اوچتو ڪيس پوٽي جمڻ جي خبر ملي، ۽ اتفاق سندس نوڪر جي زال کي به ساڳي وقت پٽ ڄائو. بادشاه اها خبر ٻڌي محل ۾ ويو. حڪم ڏنائين ته ٻنهي نون ڄاولن ٻارن کي هڪ پلنگ تي اڳو لڳ سمهاري ڇڏيو. اهو حڪم ڏيئي بادشاه هليو ويو. پوءِ شهزادو پنهنجي پٽ کي ڏسڻ لاءِ محل ۾ آيو، ڏٺائين ته ٻه ٻار پلنگ تي گڏ ليٽيا پيا آهن. حيران ٿي ويو. نوڪرن کان پڇائين ته انهن ۾ منهنجو پٽ ڪهڙو آهي؟

نوڪرن جواب ڏنو ته اسان کي خبر ڪانهي. شهزادو نهايت شرمندو ٿيو ۽ نوڪرن کي مارڻ تي هو ته ايتري ۾ بادشاه اچي نڪتو ۽ سڀ حال ٻڌي شهزادي کي چيائين ته توکي پنهنجي شرافت ۽ ذات تي ڏاڍو گهمنڊ هوندو آهي. ڇا، تون ايترو به ٻڌائي نه ٿو سگهين ته انهن ٻن ٻارن ۾ تنهنجو شريف ڪڪو ڪهڙو آهي ۽ ٻيو گهٽ ڪهڙو آهي؟ تنهنجو ڪڪو ته ڇڱو ۽ شريف هوندو، پوءِ ڪهڙو سبب آهي، جو تون ڪيس سڃاڻي نه ٿو سگهين؟

شهزادو ڪنڌ هيٺ ڪري ٻيهي رهيو، ڇاڪاڻ

ته نوڪرجو پٽ به شڪل ۾ ٺاهوڪو هوءِ صورت
مان سڃاڻڻ مشڪل هو ته سندس پٽ تحقيق
ڪھڙو هو.

شهزادي ڪي شرمندو ڏسي بادشاه پنهنجي
ڀوٽي کي هنج ۾ کڻي چيو ته هيءَ آهي تنهنجو
پٽ. پر ياد رک ته مون ڪيس ٻانهن کي تلڪ
ڏيئي ڇڏيو هو، جنهن ته سڃاڻي سگهيس، نه
ته هوند هرگز ڪين سڃاڻانس ها. هاڻ تو ڏٺو ته
جمڻ سان ڪو وڏو يا ننڍو، ڪو چڱو يا خراب
ٿي ڪونه ٿو اچي. هان، شڪليون ڌار ڌار ٿين
ٿيون مگر وقتي غريبن جا ٻار اهڙا سهڻا ٿا ٿين
جو شاهوڪارن ۽ وڏن ماڻهن جي ٻارن کي شهه
ڏيو ڇڏين. جيڪڏهن انصاف روءِ ڏسجي ته
نوڪرجو ٻار تنهنجي ڪکي کان ڏيڪ خوبصورت
آهي.

شهزادي جو ڪنڌ جهڪي ويو ۽ پنهنجي غلطي
قبو ليائين.

ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ شهزادي جي ايمان لاهڻ
لاءِ بادشاه کي ٻيو به موقع مليو. شهزادو بيمار ٿي
پيو ۽ حڪيم سندس سيرچوڙڻ (گندو رت

ڪيائڻ ) جي رت ذني. اتفاق محل جي هڪ نوڪر کي بہ بيمار هئڻ سبب سير چوڙائڻي پئي. شهزادي جو رت هڪ پيالي ۾ رکيو ويو ۽ نوڪر جو ٻئي ۾. جڏهن ڪم لٿو، تڏهن بادشاه حڪيم کي حڪم ڏنو تہ ٻنهي پيالن جو رت ڏسي ٻڌاءِ تہ ڪهڙو رت وڌيڪ خراب آهي. حڪيم ٻنهي پيالن جي تپاس ڪري چيو تہ شهزادي جو رت وڌيڪ خراب آهي.

بادشاه پٽ ڏانهن منهن ڪري چيو شهزادا، پنهنجي ڪنين ٻڌ تہ حڪيم ڇا ٿو چوي.

بادشاه چيس تہ ان جو سبب اهو آهي جو تون بات بات تي غصو ٿو ڪرين ۽ ڪاوڙ ۾ پنهنجي رت کي ساڙي ڪارو ٿو ڪرين. نوڪر هر وقت کل خوشيءَ ۾ گذاري ٿو، ان ڪري سندس رت خراب نہ ٿو ٿئي.

ٻي ڳالهہ تہ تون عمدن کاڌن ۽ پوشاڪن هوندي بہ خوش ناهين ۽ نوڪر سادو کائي، سادو پهري بہ قناعت ۽ سنتوش ٿو ڪري ۽ خوش گذاري ڏنيءَ جو شڪر ڪري ٿو تہ پوءِ تون ئي چؤ تہ ڪنهنجو رت صاف رهندو يا هن جو؟

تين ڳالهه ته ڪنهن جي سڀاءَ ڪري ته مان سڀ ڪڪ آهن ۽ نوڪر مان سندس گهر جا ڀاتي، سنگتي ساٿي سڀ خوش، ڇاڪاڻ ته هو ڪلمڪ ۽ نيڪ آهي.

ته ڀوءِ ڪو ماڻهو ڀيٽان شريف يا ڪميڻو ٿـي ڪونه ٿو ڄمي، نه ڪي عهدي يا خاندان سبب ئي چڱو ٿو ٿئي. شرافت ته عادتن، دل ۽ سڀاءَ تي مدار ٿي رکي.

بادشاهه جي ان نيڪ نصيحت جو اهڙو اثر ٿيو جو شهزادو سڌري پيو ۽ سڀني سان چڱيءَ طرح هلڻ لڳو.

## ٦. قسمت جو کيل

نالي ۾ ته هوءُ شڪاري هو، پر سياڻو اهڙو هوس جو جهنگل ۾ ويندو هو ته شڪار وسري ويندو هوس. ويندو هو شڪار ڪرڻ، پر اُتي پهچي قسمين قسمين پکين جا ناچ گانا، مٺيون ٻوليون ٻڌي ۽ جانورن جا رنگ روپ ۽ رانديون ڏسي ايترو قدر محو ٿي ويندو هو، جو شڪار ياد ئي ڪين پوندو هوس. نوريڏڙا سندس پٺي ۽ ڪلهن کي ڇڙهي ٽينگ ٽپا ڏيندا هئا سندس هٿن کان جهرڪيون داڻو چڳنديون هيون، پر هو شڪاري ڪين کي ڪين ڇوندو هو.

هڪ ڏينهن منجهند جي وقت جهنگل ۾ گهوٽي ٻڙجي برج هيٺان ويٺو هو. وڻ ڇا هو، گويا وڏو ڊنبو هو. جهنگ ۾ سانت هئي، ڪٿان ٻه ٻورڙو آواز ڪين ٿي آيو. سناٽي مان اکين کي معلوم ٿيو ته ڄڻ سڀ پکي جهنگ کي

الوداع ڪري ويا آهن ۽ جيڪي بہ چار ٻچيا آهن، سي بہ جادوءَ جي اثر هيٺ ڪٿي ڇپ ماري ويٺا آهن. شڪاري ويچار ڪرڻ لڳو تہ اڄ پکي پسون ويا ڪيڏانهن؟ هن هڪ پيرو سيٽي وڄائي. سامهون جهنگٽي ۾ هلڪو پتر هنيون. وڻن جي ٽڙن ڪي جهلي، انهن جي پورن ۾ ليئا پائي ڏٺو، ٿارين کي لوڏيو، پر ڪٿي بہ ڪو پکي پسون نظر ڪين آيو. شڪاري مايوس ٿي ويو. ان ريت اڪيلائي ۾ ويهي ويهي کيس اوٻاسيون اچڻ لڳيون ۽ جهوٽا کائڻ لڳو. کيس محسوس ٿيو تہ ڄڻ گرميءَ جي شدت ۾ جهنگل جون اکيون بہ ٻوٽجي ٻوٽجي ٿيون وڃن. اوچتو ان سناٽي کي چيريندي ڪٿان هڪ تمام مٺو سريلو آلاپ آيو. اهو مٺو راڳ بڌي، وڻن تي پکي ۽ جهاڙين ۾ جانور جاڳي اُٿيا. چهل پهل شروع ٿي ويئي.

اُهو سر نهايت مٺو هو. ائين ٿي معلوم ٿيو تہ ڄڻ ڪو اُستاد گويو بنسري وڄائي رهيو آهي. گانو ٻڌندي ئي شڪاريءَ جي دل موهجي ويئي. رفتہ رفتہ سر چڙهڻ لهڻ لڳو. پکي پسون سڀ

چپ چاپ راڳ بڌڻ لڳا :-

دنيا ساري بخت جي بازي ،
آھ سڀڪي ھٿ قسمت سازي ،
ڪنھن کي ڀي ڪل ڪانہ پوي ٿي ،
قسمت ٿئي ڪئن راضي .

شڪاري دل ۾ سوچڻ لڳو تہ ھن بيابان ۾ اھڙو عمدو سريلو ڳانو ڪير ٿو ڳائي . مون کي بہ ھيترو عرصو ھتي ايندي ٿيو آھي . پر اھڙو مٺو گيت نہ ڪڏھن ڪونہ ٻڌم . ھو آھستي آھستي اُٿيو ۽ جنھن طرف کان اھو آواز اچي رھيو ھو ، اوڏانھن وڌيو . جاچ ڪندي ڪندي ھن ڏٺو تہ مڪئيءَ جي پوک ۾ ھڪ ڄاھو لڪو ويٺو آھي ، جو ويٺو ڳائي .

دنيا ساري بخت جي بازي ،
آھ سڀڪي ھٿ قسمت سازي ،
ڪنھن کي ڀي ڪل ڪانہ پوي ٿي ،
قسمت ٿئي ڪئن راضي .

ڄاھي کي ڏسي شڪاري واھ واھ ڪرڻ لڳو . ڄاھي منھن ڪُٽي اندر لڪايو ۽ ماٺ ٿي ويو . شڪاري ڄاھي کي ڪُٽي پنھنجي جھوليءَ

۾ وڌو. دل ۾ چوڻ لڳو ته اڄ چڱو شڪار هٿ آيو. اهڙو عجيب جاهو ڪنهن ڪين ڏٺو هوندو. جهولي کلهي تي رکي شڪاري گهر موٽيو. رستي ۾ هڪ دوست سان ملاقات ٿيس. جنهن پڇيس ته اڄ ڪهڙو شڪار هٿ آيئ؟

شڪاري – نهايت خاصو؟

دوست – ڪهڙو؟

شڪاري – جاهو.

دوست – واهه. جاهو به ڪو شڪار آهي. اهو ته ٻارن جو رانديڪو آهي.

شڪاري – دوست! معمولي جاهو نه آهي. ڳائڻ وارو جاهو آهي.

دوست تعجب ۾ پئجي چيو "اهو ته اڳي ڪڏهن ڪين ٻڌڻ ۾ آيو ته ڪڏهن جاهو راڳ ڳائي."

شڪاري چوڻ لڳو اها ته اچرج جي ڳالهه آهي تڏهن ته ڪوشش ڪري ان کي پڪڙيو اٿم. هاڻ اُن کي کڻي گهر ٿو وڃان.

دوست – ڀائي، جيسين سندس ڳانو پنهنجي ڪنن سان نه ٻڌندس تيسين اعتبار ڪين ايندو.

شڪاري – چڱو، منهنجي جڳهه تي اچج.
توکي ڳانو ٻڌائيندس. ان لاءِ تہ آندو اٿم.
ائين چئي شڪاري پنهنجي گهر هليو ويو.

هوڏانهن شڪاريءَ جي دوست اها حيرت ڀري ڳالهه اچي پنهنجي هڪ سنگتيءَ سان ڪئي جنهن ٻئي سان، ٻئي ٽئين سان. ائين جو اها ڳالهه سڄي شهر ۾ ڦهلجي، بلڪ بادشاهه جي ڪن تي بہ آئي، جنهن شڪاريءَ کي گهرايو.

شڪاري حاضر ٿي سلام ڪيو.

بادشاهه پڇيس – تو وٽ ڪو عجيب ڄاهو آهي ڇا؟

شڪاري – جيءَ حضور!

بادشاهه – ڇا تنهنجو ڄاهو راڳ ڄاڻي؟

شڪاري – جيءَ حضور!

بادشاهه حيرت ۾ پئجي ويو. وزير خاطري ڪرڻ لاءِ شڪاريءَ کي چيو تہ بادشاهه جي اڳيان ڪوڙ نہ ڳالهائج.

شڪاري – سائين، ڪوڙ ڇو ڳالهائيندس.

وزير – خوب سوچي سمجهي جواب ڏي. بادشاهه جي اڳيان ڪوڙ ڳالهائڻ جي سخت سزا

ملندي آهي.

بادشاهه - شکاري! اسان کي نه اعتبار نه ٿو اچي ته کو جاهو به راڳ ڳائي سگهندو.

شکاري - بادشاهه سلامت! مون اُن جو راڳ پاڻ پنهنجي ڪنن سان ٻڌو آهي.

بادشاهه - اسان کي به راڳ ٻڌائي سگهندين؟

شکاري - هائو حضور، مگر انعام ڇا ملندو؟

بادشاهه - جيڪي گهرندين، سو ملندو.

شکاري - مون کي بادشاهه جو تخت کپي.

بادشاهه - اسان کي اهو شرط قبول آهي، پر جي جاهي راڳ نه ڳاتو ته تنهنجو سر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويندو،

شکاري مشکي جواب ڏنو "منظور."

بادشاهه - چڱو، وڃ وڃي پنهنجو جاهو کڻي اچ.

شکاري جاهو کڻڻ ويو. اها خبر باهه وانگر شهر ۾ ڦهلجي ويئي. ماڻهن جا ڪٽڪ اچي نڪيان. شاهي محل جو ميدان ڀرجي ويو. ڌڪا ڌڪي لڳي ويئي. شکاري جڏهن جاهو کڻي آيو تڏهن خلق جي ايتري ڀيڙ هئي، جو ڦاٽڪ جي

اندر وڃي نہ سگھيو. نيٺ شاهي سپاهي ڪيس مشڪلات سان اندر وٺي ويا.

شڪاري سلام ڪري بادشاه جي اڳيان وڃي بيٺو.

شڪاريءَ جهوليءَ مان ڇاهو ڪڍيو. پوءِ آهستي آهستي ان کي راجا جي پيرن وٽ رکيو. ڇاهو دلفريب هو، سندس پٺيءَ تي ڪنڊا ريشم جهڙا نرم ۽ رنگارنگي هئا، ڄڻ ڪنهن ڪاريگر پنهنجي هنر جي ڪماليت ڏيکاري آهي."

بادشاه ڏسندي چيو "بيشڪ عمدو ڇاهو آهي.

شڪاري آڪڙ پرجي چيو بادشاه سلامت، ان جو راڳ ان جي شڪل کان به وڌيڪ عمدو آهي.

بادشاه - ڇڱو، سندس ڳائو ٻڌاءِ.

شڪاري آهستي آهستي ڇاهي جي پٺي تي هٿ ڦيري چوڻ لڳو "ڇاها، پنهنجو وات کول ۽ بادشاه کي راڳ ٻڌاءِ.

مگر ڇاهو بلڪل چپ رهيو. شڪاري سوچڻ لڳو ته شايد منهنجو آواز ڇاهي جي ڪن تائين ڪين پهتو، سو پنهنجو منهن ڇاهي جي ڪن وٽ آڻي زور سان پڪاري چوڻ لڳو "مهربان ڇاها، بادشاه کي پنهنجو راڳ ٻڌاءِ."

پر ڇاهو اڃا به چپ رهيو.

شڪاريءَ ٻوڪ ڏاڙي چيو "ڇاها، مون

کنهنجي راڳ تي سر جي چوٽ لڳائي آهي، ڪيئن، نه ته جان ٿي وڃي." پر ڄاهو اهڙو ڪجهه جهڙو پٽر.

شڪاري ڄاهي کي ڏاڍي مٺ منت ڪئي، پرچائڻ جا سڀ حيلا هلايا، پر ڄاهي جي زبان کين ڪاڻي.

بادشاه خفي ٿي پيو. خلق بگڙي شڪاريءَ کي گهٽ وڏ ڳالهائڻ لڳي. وڏو شور مچي ويو.

بادشاه چيو "شڪاري! توکي شرط ياد آهي؟"

شڪاريءَ روئندي چيو "هائو حضور!"

پر انهن ڳوڙهن ڪانپوءِ به ڄاهو پٿر جيان سخت رهيو. شڪاري پيپاڙ ڪائي زمين تي ڪريو.

بادشاه حڪم ڏنو "جلاد!"

جلاد حڪم ملندي ئي ترار جي هڪ ڌڪ سان شڪاريءَ جو سر لاهي ڇڏيو. سسي ڌرتيءَ تي ڪري ته ڄاهي پنهنجو منهن ٻاهر ڪڍيو. سڀني آدمين حيرت سان ٻڌو:-

دنيا ساري بخت جي بازي،
آهه سڀڪي هٿ قسمت سازي،
ڪنهن کي پيي ڪل ڪانپوي ٿي،
قسمت ٿئي ڪئن راضي.